فيضان غريب نواز رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ

هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنّتن ڀريو بيان.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

فيضانِ غريب نواز

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت كئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتكاف جي نيّت كري وٺندا كيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتكاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ كائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

دُرود شريف كي فضيلت

حضرتِ سَيدُنا ابو دَرداء رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ كان رِوايت آهي تہ منى مٺي آقا، مكي مدني مُصطَفي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: جيكو شَخص صبح ۽ شام مون تي ڏه ڏه ڀيرا دُرُود شريف پڙهندو، قِيامت جي ڏينهن منهنجي شَفاعت ان كي ضرور ملندي. (الترغيب والترهيب، كتاب النوافل، الترغيب في آيات واذكار... الخ، 1/312، حديث:991)

چارهٔ بے چارگاں پر ہوں دُرودیں صَد ہزار

بےکسوں کے حامی و غمخوار پر لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

"نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ"يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

ٻہ مدني گُل: 1 بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀچي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۾ اُٿڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۾ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجموڪنزالايمان: پنهنجي

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً[2] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

سبزوار جي حاڪم جي توبہ

ايران جي شهر ”سبز وار“ ۾ هڪ تمام ئي ترو تازه ۽ هريالو باغ هو. جنهن جي بلڪل وچ ۾ صاف پاڻي جي هڪ نهر هئي ۽ وچ ۾ هڪ خوبصورت ڪوھ بہ هو. اُهو باغ سبزوار جي حاڪم جو هو جيڪو تمام ئي ڏِنگو ۽ بُري چال چلت وارو شخص هو. هِن (حاڪم) جي اِها عادت هئي تہ جڏهن بہ باغ ۾ ايندو هو تہ شراب پيئندو هو. ۽ نشي ۾ گهڻو گوڙ ۽ شور ڪندو هو. هڪ ڏينهن حَضرَتِ سَيّدنا خوَاجہ غَرِيبْ نَواز سَيِّد مُعِيۡنُ الدِّين حَسَن سَنجَرِي چِشۡتي اَجۡميرِي عَلَيۡه رَحۡمَةُاللهِ القَوِی جو اتان کان گُذر ٿيو. پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه هِن نهر مان غُسل ڪيو ۽ ڪوھ جي ڪناري وٽ نفلَ ادا ڪيا. باغ جي حفاظت

---

[2] ...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461

ڪرڻ وارن سندن رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه سان پنهنجي حاڪِم جي توري توري ڳالھ تي شور ڪرڻ جو حال عرض ڪيو ۽ درخواست ڪئي تہ اوهان رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه هتان ڪان تشريف وني وڃو تہ ڪٿي حاڪِم توهان رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه کي نقصان نہ پهچائي. پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ منهنجو حافظ ۽ ناصر (نگهبان ۽ مددگار) آهي.

ايتري ۾ سبزوار جو حاڪم باغ ۾ داخل ٿيو ۽ سڌو کُوھ وٽ آيو، پنهنجي عيش ۽ آرام واري جڳھ تي درويش کي ڏنائين تہ ڪاوڙ ۾ اچي ويو پر ان جي ڪجھ چوڻ کان پهرين پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه اُن تي هڪ نظر وِڌي ۽ اُن جي ڪيفيت تبديل ڪري ڇڏي. حاڪم پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي نظرِ جلالت برداشت نہ ڪندي بي هوش ٿي زمين تي ڪِري پيو، پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه کوھ مان بُڪ ۾ پاڻي کڻي هُن حاڪم جي مُنهن تي ڇندا هنيا، جيئن ئي حاڪم کي هُوش آيو فورًا سندن رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي پيرن تي ڪِري پيو ۽ روئي روئي پنهنجي گناهن کان توبہ ڪيائين ۽ پوءِ پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي هٿ تي بيعت ڪيائين.

حَضرَتِ سَيّدنَا خوَاجہ غريب نواز رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي حڪم تي (باغ جي مالڪ) ظلم ۽ ڏاڍائي سان حاصل ڪيل تمام دولت اصل مالڪن کي موٽائي ڏني ۽ سندن رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي صحبتِ بابرڪت ۾ رهڻ لڳو، پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جن ڪجھ ئي عرصي ۾ حاڪم کي باطني فيض سان مالامال ڪري خلافت عطا فرمائي ۽ اُتان کان رخصت تي ويا. (اللہ کے خاص بندے عبدہ، ص ۵۱۱ ملخصاً)

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ حَضرَتِ سَيّدنَا خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه ڪيتري وڏي شان وارا آهن جو هڪ نگاهہ سان سبزوار جي حاڪم جي دل جي دنيا بدلائي ڇڏي، واقعي الله وارن جي نگاهہ ۾ وڏي تاثير هوندي آهي، انهن جي ولايت جي نگاهہ لڪين ماڻهن جي دلين ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. اُنهن کي سڌي واٽ تي آڻي ڇڏيندي آهي، انهن نہ صرف اهو پر بُزُرگن پنهنجي ڪردار ۽ عمل سان ڪفر ۽ شرڪ جي اونداهيءَ ۾ ڏِڪا کائڻ وارن بي شمار غير مُسلمن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي وحدانيت ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رسالت سان آگاهہ ڪري اسلام ۾ داخل ڪيو.

تاجُ الاَولياء، سَيّدالاصفياء، وارثُ النّبي، عطاءِ رَسُوۡل، سُلطانُ الهِنۡد حَضرَتِ سَيّدنَا خوَاجہ غريب نواز سيّد مُعِيۡنُ الدِّين حَسَن سَنۡجَرِي چِشۡتِي اَجۡمِيرِي عَلَيۡه رِحۡمَةُاللّٰهِ الۡقَوِی جو شمار بہ اُنهن بُزُرگن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه **ڇهين (6) صدي هجري** ۾ هندستان تشريف فرما ٿيا ۽ هڪ عظيم الشّان روحاني ۽ سماجي انقلاب جو ذريعو بڻيا، ايستائين جو هندستان جا ظالم ۽ بي رحم بادشاهہ بہ سندن رُعب هيبت اچي سُڌري ويا ۽ عقيدت رکڻ وارن ۾ شامل ٿي ويا. اچو تہ حَضرَتِ سَيّدنَا خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي مبارڪ زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهہ سماعت ڪيون:

ولادتِ باسعادت

حَضرَتِ سَيّدنَا خوَاجہ غريب نواز سيّد مُعِيۡنُ الدِّين حَسَن سَنۡجَرِي چِشۡتِي اَجۡمِيرِي عَلَيۡه رِحۡمَةُاللّٰهِ الۡقَوِی ۵۳۷ھ بمطابق 1142ء ۾ سِجِسّتان يا سيستان (موجوده اِيران) جي علاقي "سَنۡجَر" ۾ پيدا ٿيا. (اقتباس الانوار، ص۳۴۵)

نالوۓ نسب جو سلسلو

پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جو اسمِ گرامي ”حَسَن“ آهي ۽ پاڻ نجيبُ الطَّرَفَين (يعني ماءُ پيءُ ٻنهي طرفان) حَسَني ۽ حُسِيني سيِّد آهن. پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جا مشهور ۽ معروف لقب مُعِينُ الدِّين، خواجه غريب نواز، سُلطانُ الْهِند، وَارِثُ النَّبي اورعطاءِ رسول وغيره آهن. سندن نسب جو سلسلو سَيّد مُعينُ الدّين حَسَن بن سيِّد غيَاثُ الدّين حَسَن بن سَيِّد نجمُ الدّين طاهر بن سَيِّد عَبْدُالْعَزِيز آهي.

(معين الهند حضرت خواجه معين الدين اجميري ،ص١٨ملخصاً وغيره)

والدين ڪريمين

پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي والدِ ماجد سيِّد غيَاثُ الدّين حَسَن رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جن جو شمار”سَنجَر“ جي اميرن ۽ رئيسن ۾ ٿيندو هو، بي حد مُتّقي، پرهيزگار ۽ صاحِبِ ڪَرامت بُزرگ هئا. پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي والده ماجده بہ پنهنجو گهڻو وقت عبادت ۽ رياضت ۾ گذارڻ واري نيڪ سيرت عورت هئي.

(اللہ کے خاص بندے عبدہ، ص٥٠٦، بتغیر)

حَضَرتِ سَيّدنَا خوَاجہ غريب نواز رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جڏهن پندرهن (15) سالن جي عمر جا ٿيا تہ سندن والدِ محترم لاڏاڻو فرمائي ويا. وراثت ۾ هڪ باغ ۽ هڪ پَن چڪي (پاڻي تي هلڻ واري چڪِّي) ملي. پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه اُنهن کي ئي پنهنجي لاءِ گذر سفر جو ذريعو بڻايو ۽ خود ئي باغ جي سارسنڀال لهندا هئا ۽ وڻن کي پاڻي ڏيندا هئا. (مرآة الاسرار، ص٥٩٣، بتغير)

وليُّ الله جي اوبر جي برڪت

حَضَرتِ سَيّدنَا خوَاجہ غريب نواز رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه هڪ ڏينهن باغ ۾ بوٽن کي پاڻي ڏئي رهيا هئا تہ اُن دور جا مشهور مَجذُوب بُزُرگ حَضرتِ سَيِّدُنا

اِبراهِيم قَندُوزِي رَحۡمَةُ اللہ تَعَالٰی عَلَيۡه باغ ۾ تشريف فرما تيا، جيئن ئي پاڻ رَحۡمَةُ اللہ تَعَالٰی عَلَيۡه جي نظر اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي اُن مقبول ٻانهي تي پئي. جلدي ۾ سمورو ڪم ڪار ڇڏي ۽ سلام ڪري دَست بوسِي ڪئي ۽ نهايت ادب ۽ احترام سان وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهاريو، پوءِ اُنهن جي خدمت ۾ وڏي عاجزي سان تازن انگورن جو هڪ ڳُڇو پيش ڪيو ۽ گوڏا ٻيجي ويهي رهيا، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ولي کي هن نوجوان جي انداز مَن موهي ورتو، خوش ٿي پنهنجي بغل مان هڪ کَلِي جو ٽُڪر ڪڍي چٻاڙي خواجه صاحب رَحۡمَةُ اللہ تَعَالٰی عَلَيۡه جي وات ۾ وڌائون، کَلِي جو ٽُڪر جيئن ئي ٺڙي مبارڪ کان هيٺ لٿو، خواجه صاحب رَحۡمَةُ اللہ تَعَالٰی عَلَيۡه جي دل جي ڪيفيت يڪدم تبديل ٿي وئي ۽ سندن دل، دنيا کان بيزار ٿي ويو، پاڻ رَحۡمَةُ اللہ تَعَالٰی عَلَيۡه باغ، پن چڪّي ۽ سمورو ساز و سامان وڪڻي اُن مان حاصل ٿيندڙ رقم فقيرن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏي ۽ ديني علم حاصل ڪرڻ لاءِ راهِ خدا جا مسافر بڻجي ويا. (مرآة الاسرار، ص ۵۹۳ملخصاً)

صَـلُّوا عَلَي الـحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي مان اسان کي اِهو درس ملي ٿو ته جڏهن به اسان ڪنهن مجلس ۾ ويٺل هجون ۽ اسان جي بُزُرگن، اُستادن، والدَين، عالمِ دين يا پيرومُرشِد اچي وڃن ته اُنهن جي تعظيم جي لاءِ اٿي بيهڻ گهرجي، اُنهن کي عزّت ۽ احترام سان ويهارڻ گهرجي. ياد رکو! ادب اهڙي شيءِ آهي جنهن جي ذريعي انسان دنيا ۽ آخرت جون نعمتون حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ جيڪو اِن خوبي کان محروم هوندو آهي اُهو انهن نعمتن جو حقدار ناهي هوندو. شايد اِن لاءِ چيو ويندو آهي ته ”**با ادب با نصيب بي ادب بي نصيب**“. يقيناً ادب سان ئي انسان جي سڃاڻپ ٿيندي آهي. جهڙي طرح

واريءَ جي ذَرَن ۾ موتي پنهنجي چَمڪ ۽ اهمِيَت ناهي وڃائيندو اهڙي طرح با ادب شخص پنهنجي سڃاڻپ کي هميشہ قائم رکندو آهي. اِن لاءِ اسان کي پنهنجي وڏن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ ۽ ننڍن سان شفقت ۽ محبَّت سان پيش اچڻ گهرجي. اچوتہ! اِنهيءَ متعلق (3) **احاديثِ مبارڪ** ٻڌون ۽ عمل جو جذبو پيدا ڪريون.

1. ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطانِ بحروبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِه وَسَلَّم جن فرمايو: اي اَنَس! وڏن جو ادب واحترام۽ تعظيم و توقير ڪَر ۽ ننڍن تي شفقت ڪَر، توهان جَنَّت ۾ منهنجو ساٿ حاصل ڪري وٺندا.

(شعب الايمان، باب في رحم الصغير، ۴۵۸/۷، حديث :۱۰۹۸۱)

2. نور جي پيڪر، تمام نَبِيَّن جي سَروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِه وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن اسان جي ننڍن تي رحم نہ ڪيو ۽ اسان جي وڏن جي تعظيم نہ ڪئي، اُهو اسان مان ناهي.

(ترمذي، ڪتاب البر والصلة، بابماجاء في رحمةالصبيان، ۳/۳۶۹، حديث :۱۹۲۶)

3. سَيِّد عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِه وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو جَوَان ڪنهن پوڙهي جي ان جي عمر جي وجہ سان ادب ڪري تہ اُن جي بدلي الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جي ذريعي اُن جي عزت افزائي فرمائيندو آهي.

(ترمذي، ڪتاب البر والصلة، بابماجاء في اجلال الكبير،۳/۴۱۱،حديث :۲۰۲۹)

بڑے جتنے بھی ہیں گھر میں اَدَب کرتا رہوں سب کا
کروں چھوٹے بہن بھائی پہ شَفْقَت یارسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

عِلمِ دين کي حاصل ڪرڻ لاءِ سفر

حَضرَتِ سَيِّدُنَا خوَاجہ غريب نواز مُعِيۡنُ الدِّين چِشۡتِي رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه پندرهن سالن جي عمر ۾ عِلم حاصل ڪرڻ لاءِ سفر اختيار ڪيو ۽ سمرقند ۾ حَضرَتِ سَيّدُنا شَرفُ الدِّين عَلَيۡهِ رحمة اللهِ الۡمُبِيۡن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي باقاعدگي سان عِلمِ دين حاصل ڪرڻ جو آغاز ڪيو. سڀ کان پهريان قُرآنِ پاڪ حِفۡظ (زباني ياد) ڪيوءِ اُن کان پوءِ اُنهن کان ٻيا عِلم بہ حاصل ڪيا. (اللہ کے خاص بندے عبدہ، ص٥٠٨ ملخصًا)

جيئن جيئن عِلمِ دين سکندا ويا تيئن تيئن علم جي چاهہ وڌندي وئي. عِلم جي اُڃ پوري ڪرڻ لاءِ بُخارا ڏانهن سفر ڪيو ۽ اُتي پُهچي دنيا جي مشهور عالمِ دين مولانا حُسَامُ الدّين بخاري عَلَيۡهِ رحمة اللهِ الۡبَارِي جي شاگردي اختيار ڪيائون ۽ پوءِ اُنهن جي شفقتن جي ڇانوَ هيٺ پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه ڪجهه ئي عرصي ۾ تمام ديني علم مڪمل طور حاصل ڪيائون. هن طرح پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه مجموعي طور تي تقريبًا پنج سال سمرقند ۽ بخارا ۾ عِلمِ دين حاصل ڪرڻ لاءِ قيام فرمايائون. (اللہ کے خاص بندے عبدہ، ص٥٠٨ ملخصًا)

طَالِب (گُهرڻ وارو) مَطلُوب (ڏيڻ واري) جي در تي

اِن عرصي ۾ ظاهري علم تہ مڪمل حاصل ڪري چُڪا هئا پر جنهن سِڪ وچان گهر وارن کي خيرآباد چيو هواُن جي تسڪين اڃان باقي هئي، بهرحال اهڙي ماهر طبيب جي ڳولها ۾ نڪري ويا جيڪو دل جي درد جي دوا ڪري سگهي، هاڻي پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه ڪامل مرشد جي ڳولها ۾ بُخارا کان حجاز ڏانهن سفر ڪرڻ جي تياري ڪئي. رستي ۾ جڏهن نيشاپور (صوبہ خراسان رضوي ايران) جي آس پاس واري علاقي ”هاروَن“ کان گذريا تہ وقت جي قُطُب، مردِ قلندر حَضرَتِ سَيّدُنا عثمان هاروَني چِشۡتِي عَلَيۡه رَحۡمَةُاللهِ الۡقَوِی جي شُهرت ٻُڌي تہ فورًا خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ اُنهن جي هٿن تي بيعت ڪري چشتي سلسلي ۾ داخل ٿي ويا. (مرآة الاسرار، ص٥٩٤ ملخصاً)

يَڪْ دَرگِير و مُحْڪَمْ گِيْر

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪيترن سالن تائين مُرشِدِ ڪامِل جي خدمت ۾ حاضر رهيا ۽ معرفت جون منزلون پار ڪندي باطني عِلم سان فيضياب ٿيندا رهيا، حَضرَتِ سَيِّدنا خواجه عُثمَان هارۅَني چِشتِي عَلَيْه رحمَةُاللهِ القَوِی جيڏانهن بہ ويندا هئا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اُنهن جو سامان پنهنجي ڪُلهن تي کڻي گڏ ويندا هئا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪي ڪيترا ئي ڀيرا پنهنجي مُرشِد سان گڏ حج جي سعادت بہ حاصل ٿي. (اللہ کے خاص بندے عبدہ، ص۵۰۹ ملخصًا)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جڏهن منهنجي پيرومُرشِد خواجه عُثمان هارۅَني چِشتِي عَلَيْه رحمَةُاللهِ القَوِی منهنجي خدمت ۽ عقيدت ڏٺي تہ اهڙي اَعليٰ نعمت عطا فرمائي جنهن جي ڪا حد نہ آهي.

مريد هجي تہ اهڙو

عمومًا جهڙي طرح هر شاگرد جي خواهش هوندي آهي تہ اُستاد جي اکين جو تارو بڻجي وڃان، اهڙي طرح هڪ مريد جي بہ اِها خواهش هوندي آهي تہ آئون پنهنجي پيرو مُرشِد جو منظورِنظر بڻجي وڃان، پر اهڙا خوشنصيب ڪجهه ئي هوندا آهن جنهن جي اِها خواهش پُوري ٿيندي آهي. حَضرَتِ سَيِّدنا خوَاجہ غريب نواز سيّد مُعِيّنُ الدِّين حَسَن سَنجَرِي چِشتِي اَجمِيرِي عَلَيْه رحمَةُاللهِ القَوِی مرشد جي دربار ۾ ايتري قدر مقبول هئا جو هڪ ڀيري پاڻ مرشدِ ڪريم خواجہ عُثمان هارۅَني چِشتِي عَلَيْه رحمَةُاللهِ القَوِی جن فرمايو تہ اسان جو معينُ الدِّين، الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب آهي ۽ اسانکي پنهنجي هِن مُريد تي فخر آهي. (مرآة الاسرار، ص۵۹۵)

غوثِ اَعظَم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ سان عقيدت

جنهن وقت حَضرَتِ سَيّدنا غوثِ اَعظَم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جن بغداد شريف ۾ ارشاد فرمايو: قَدَمِیۡ ھٰذِہٖ عَلٰی رَقَبَةِ کُلِّ وَلِیِّ اللہِ (يعني: منهنجو هي قدم اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي هر ولي جي ڪنڌ تي آهي) تہ اُن وقت خوَاجہ غريب نوازمُعِينُ الدِّين چِشتِي رَحۡمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہ پنهنجي جواني جي ڏينهن ۾ خُراسان جي مُلڪ ۾ واقع هڪ جبل جي ٽڪريءَ تي عبادت ڪندا هئا. جڏهن توهان اِهو فرمانِ عاليشان ٻڌو تہ پنهنجو متو جُهڪائي ڇڏيو ۽ فرمايائون: بَلۡ قَدَمَاکَ عَلٰی رَاۡسِیۡ وَعَیۡنِیۡ يعني بلڪ توهان جو هي قدم منهنجي متي ۽ اکين تي آهي. (غوث پاک کے حالات، ص۶۷)

بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان هندستان جي سلطاني ملي وئي

بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾خوَاجہ غريب نوازمُعِينُ الدِّين چِشتِي رَحۡمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي مرتبي جو اندازو ان ڳالھ مان لڳائي سگھجي ٿو تہ جڏهن پاڻ رَحۡمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي مديني شريف جي حاضِري جو شَرَف مليو تہ وڏي ادب ۽ احترام سان سلام عرض ڪيو: ”اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا سَیِّدَ الۡمُرۡسَلِیۡن وَخَاتَمَ النَّبِیِّیۡن“ تہ اِن جي جواب ۾ روضي مبارڪ مان آواز آيو ”وَعَلَیۡکُمُ السَّلَامُ یَا قُطۡبَ الۡمَشَائِخ“

(اللہ کے خاص بندے عبدہ، ص۵۱۰،بتغیر)

ڳڌوڳڌ حَضرَتِ سَيّدنا خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي هِندستان جي سُلطاني بہ بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان ئي عطا ٿي. شَيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ پنهنجي رسالي ”**خوفناڪ جادوگر**“ جي صفحي نمبر 2 تي تحرير فرمائن ٿا تہ سلسلہءِ عاليہ چشتيہ جي عظيم پيشوا خواجہءِ خواجگان، سلطان الهند حَضرَتِ سَيِّدُنا خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي

مدينهء منوّره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي حاضري جي موقعي تي سَيِّدُالمُرسَلِيْن، خَاتَمُ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِه وَسَلَّمَ جي طرف کان اِها بشارت ملي: ”اي مُعِيْنُ الدِّيْن! توهان اسانجي دين جا مُعِيْن (يعني مددگار) آهيو. توهان کي هندستان جي ولايت عطا ڪئي آهي، اَجمير وڃو! توهان جي ذريعي بي ديني ختم ٿيندي ۽ اسلام جي روشني پکڙجندي“.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَليٰ مُحَمَّد

هندستان جي سلطان جو هندستان ڏانهن سفر

پاڻ رَحمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیْه اِن خوشخبري کي ٻڌڻ کان پوءِ هِندستان ڏانهن روانهء ٿيا ۽ سَمَرقند، بُخارا، عُرُوسُ البِلاد (سڀ کان خوبصورت شهر) بغداد شريف، نيشاپور، تَبرِيز، اوش، اَصفَهَان، سَبزوار،خُرَاسَان، خِرقان، اِستَرآباد، بَلَخ ۽ غزني وغيره کان ٿيندي هندستان جي شهر اجمير شريف (صوبو راجستان) پهتا. اِن پوري سفر ۾ پاڻ رَحمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیْه جن سَوين اللّٰه جي ولين ۽ اُمّت جي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي. پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه بغدا شريف ۾ حَضرَتِ سَيّدنَا غوثِ اَعظَم مُحيِ الدِّين سَيِّد عَبدُالقادِر جيلاني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنج مهينن تائين بارگاهِ غوثيهء مان فيض حاصل ڪندا رهيا.

تَبرِيز ۾ شيخ بدرُالدّين ابُو سَعِيد تَبرِيزِي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي بارگاهه مان علم جي ميراث حاصل ڪئي. اَصفَهَانَ ۾ شيخ محمود اَصفَهَانِي رَحمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیْه وٽ حاضر ٿيا ۽ خِرقَان ۾ شيخ اَبُو سَعِيد ابُوالْخَير ۽ خواجه ابُوالحَسَن خرقاني رَحِمَهُمَا اللہُ السَّلَام جي مزارن تي حاضري ڏني. اِستَرآباد ۾ حَضرَتِ علاّمه شيخ ناصِرُالدّين اِسترآبادي عَلَيْه رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کان فيض حاصل ڪيو.

هر رات ۾ شيخ الاسلام امام عبدُالله اَنصاري رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي زيارت ڪئي ۽ بَلَخ ۾ شيخ احمد خَضرَوَيَہ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي خانقاھ ۾ قيام فرمايائون.

(اللہ کے خاص بندے عبدہ، ص ۵۱۰، ۵۱۱ ملخصًا)

داتا رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي مزارتي خواجہ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي حاضري

اِن سفر دوران پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه حَضرَتِ سَيِّدُنَا داتا گنج بخش سَيِّد علي هَجْوِيرِي عَلَيْه رَحمَةُ اللهِ الْقَوِی جي مزار مبارڪ تي نہ صرف حاضري ڏني پر گڏوگڏ چاليھ (40) ڏينھن تائين مراقبو بہ ڪيو ۽ حَضرَتِ سَيِّدُنَا داتا گنج بخش رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جو خصوصي فيض حاصل ڪيو. (مرآة الاسرار ص۵۹۸،ملخصاً) ۽ مزارِ پُر اَنوار کان رخصت ٿيڻ وقت حَضرَتِ سَيِّدُنَا داتا گنج بخش رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي عظمت ۽ فيضان جو بيان هِن شعر جي ذريعي ڪيو:

گنج بخش فیضِ عالم مظہرِ نُورِ خُدا   ناقِصاں را پیرِ کامِل کامِلاں را رَہنُما

يعني داتا گنج بخش سَيِّد علي هَجْوِيرِي عَلَيْه رَحمَةُ اللهِ الْقَوِی جو فيض سڄي جهان ۾ جاري آهي ۽ پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه الله عَزَّوَجَلَّ جي نور جا مظهر آهن، پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جو هي مقام آهي تہ جيڪي طريقت جي راھ ۾ ڪمزور آهن، انهن جي لاءِ ڪامل پير ۽ جيڪي خُود پيرِ ڪامل آهن اُنهن جي لاءِ رهنما آهن.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب!   صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن الله وارن جي زندگي جي واقعن جو مشاهدو ڪيو وڃي تہ هي ڳالھ سامهون ايندي تہ انهن جي زندگي جو هر ڪم ۽ روز مرھ جون عادتون ربِّ ذُوالْجَلال جي احڪامن ۽ سنّتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بلڪل عين مطابق هونديون آهن.

حَضرَتِ سَيِّدنا خواجه غريب نواز رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه جي سڄي زندگي اُنهن مان هڪ نمونوآهي.اچو ته پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه جي مبارڪ عادتن جي باري ۾ ڪجهه ٻڌون،

قرآن جي تلاوت ۽ رات جو جاڳڻ

حَضرَتِ سَيِّدنا خواجه غريب نواز رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه جي اِها عادت هئي ته سڄي سڄي رات الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا ايستائين جو عشاء جي وُضُو سان فجر جي نماز ادا ڪندا هئا ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت جو ايتري قدر شوق هو جو ڏينهن ۾ ٻه ٻه قرآنِ پاڪ ختم فرمائيندا هئا. سفر جي دوران ٻه قرآن پاڪ جي تلاوت جاري رهندي هئي. (مرآة الاسرار، ص٥٩٥، بتغير)

گهٽ ڪائڻ جي عادت

ٻين بزرگانِ دين ۽ اولياءِ ڪاملين رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالیٰ عَلَيهِم اَجمَعِين وانگر پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه به وڌ کان وڌ الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ جي لاءِ تمام گهٽ کاڌو ڪائيندا هئا. پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه فرمائن ٿا ته گهڻو کاڌو ڪائڻ سان سستي، ننڊ عبادت ۾ رڪاوٽ نه بڻجي. جيئن ته پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه جي باري ۾نقل ڪيو ويو آهي ته ست (7) ڏينهن کان پوءِ ٻه اڍائي تولا وزن جي برابر ماني پاڻي ۾ پُسائي ڪائيندا هئا. (مرآة الاسرار، ص٥٩٥، بتغير)

لباس مبارڪ ۾ سادگي

الله وارن جي شان آهي ته ظاهري سونهن ۽ آرائش جي بجائي باطن جي صفائي تي گهڻي توجَّهَ ڏيندا آهن. حَضرَتِ سَيِّدنا خواجه غريب نواز رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه جي لباس مبارڪ ۾ به نهايت سادگي نظر ايندي هئي. پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه جو لباس صرف ٻن چادرن تي مشتمل هوندو هو ۽ اُن ۾ به ڪيترين ئي چتيون لڳل هونديون هيون.جڻ ته لباس مان به سُنَّتِ مُصطَفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالیٰ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سان بي حد محبت نظر ايندي هئي، ۽ چتيون لڳائڻ ۾ بہ ايتري قدر سادگي اختيارڪندا هئا جو جنهن بہ رنگ جو ڪپڙو ملندو هو اُنکي ئي شرف بخشيندا هئا. (مرآة الاسرار، ص۵۹۵،بتغير)

پاڙي وارن سان سٺو سُلُوڪ

پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه پاڙي وارن جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا، انهن جي خبر چار رکندا هئا، جيڪڏهن ڪنهن پاڙي واري جو انتقال ٿي ويندو هو تہ اُن جي جنازي سان گڏ ضرور ويندا هئا ۽ اُن جي تدفين کان پوءِ ماڻهو هليا ويندا هئا تہ پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه اڪيلا ئي اُن جي قبر وٽ تشريف فرما هوندا هئا ۽ ان جي حق ۾ مغفرت ۽ نجات جي دعا فرمائيندا هئا ۽ اُن جي اهل وعيال کي صبر جي تلقين ڪندا هئا ۽ اُنهن کي تسلِّي ڏيندا هئا. پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه جي حلم، بردباري، خيروخيرات ۽ بين مبارڪ عادتن کان متاثر ٿي ماڻهو سٺي اخلاق وارا ۽ سٺي صفتن وارا ٿي ويا ۽ پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه جي هٿ مبارڪ تي تقريبًا نوّي (90) لک غير مسلمن مسلمان ٿيڻ جو شرف حاصل ڪيو. (معين الارواح، ص ۱۸۸ بتغير)

مهرباني ۽ بردباري

پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه تمام ئي نرم دل، نرم مزاج ۽ سنجيده طبيعت جا مالڪ هئا. جيڪڏهن ڪاوڙ ايندي بہ هئي تہ ديني غيرت جي بنياد تي ايندي هئي، ڪو سخت ڳالهہ چئي بہ ڇڏيندو هو تہ پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه ڪڏهن بہ ڪاوڙ نہ ڪندا هئا. اُن وقت بہ سٺي اخلاق ۽ خوش مزاجي جو مظاهرو ڪندا هئا، صبر کان ڪم وٺندا هئا ۽ ايئن لڳندو هو جڻ پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه ڪجهہ ٻڌو ئي نہ آهي. (حضرت خواجه غريب نواز حيات وتعليمات، ص۳۹ ، بتغير)

خوفِ خدا

حَضرَتِ سَيّدنا خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه تي خوفِ خدا جو ايتري قدر غلبو هوندو هو جو پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه خوفِ خدا سان ڏڪندا ۽ ڳوڙها ڳاڙيندا رهندا هئا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي ٻانهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف جي تلقين ڪندي ارشاد فرمائيندا هئا تہ ”اي ٻانهو! جيڪڏهن توهان زمين جي اندر سُتل ماڻهن جو حال ڄاڻي وٺو تہ خوفِ خدا جي ڪري بيٺي بيٺي ڳري وڃو“. (معين الارواح، ص ۱۸۵ملخصاً)

قبرِ محبوب کے جلووں سے بسادے مالک یہ کرم کردے تو میں شاد رہوں گا یاربّ!

پردہ پوشي

حَضرَتِ خواجہ قُطب الدِّين بختيار ڪاڪي عَلَيْه رِحمَةُاللهِ القَوِی پنهنجي پير و مرشد حَضرَتِ سَيّدنا خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جون خوبيون بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ آ. ئون ڪيترائي سال حَضرَتِ سَيّدنا خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر رهيس پر ڪڏهن بہ پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي زبانِ اقدس مان ڪنهن جو راز فاش ٿيندي نہ ڏٺو. پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه ڪڏهن بہ ڪنهن مسلمان جو راز نہ کوليندا هئا. (حضرت خواجه غريب نواز حيات وتعليمات، ص ۴۱ ملخصاً)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڪنهن بہ مسلمان جو راز نہ کولڻ ۽ اُن تي پردو رکڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ تمام محبوب عمل آهي. جيئن تہ

مسلمان جي پرده پوشي ڪرڻ جو ثواب

حَضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سَيِّدُ الْمُبَلِّغِيۡن، صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي پرده پوشي ڪندو،

الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن اُن جي پرده پوشي فرمائيندو ۽ جيڪو پنهنجي ڀاءُ جو راز کوليندو، الله عَزَّوَجَلَّ اُن جو راز ظاهر ڪري ڇڏيندو ايستائين جو اُهو پنهنجي گهر ۾ ئي ذليل ٿي ويندو.“

(سنن ابن ماجه، کتاب الحدود ، باب الستر علي المومن ، ۲۱۹/۳، حديث :۲۵۴۶)

عیب دنیا میں تُو نے چُھپائے | حشر میں بھی نہ اب آنچ آئے
آہ! نامہ مِرا کُھل رہا ہے | یاخُدا تجھ سے میری دعا ہے

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مُرشِد ڪامل جي مزار مبارڪ جي تعظيم

هڪ ڏينهن حَضرَتِ سَيّدنا خوَاجه غريب نواز سيّد مُعِيَنُ الدِّين حَسَن سَنجَرِي چِشتِي اَجمِيرِي عَلَيْه رِحمَۃُاللهِ القَوِی پنهنجي مُريدن جي تربيت فرمائي رهيا هئا، جڏهن توهان جي نظر ساڄي طرف پوندي هئي ته با ادب بيهي رهندا هئا، سڀ مريد هي ڏسي حيران ٿيا ته پير و مرشد بار بار ڇو بيهي ٿا رهن؟

پر ڪنهن کي به پُڇڻ جي همّت نه ٿي سگهي، جڏهن سڀ مُريد اُٿان هليا ويا ته هڪ منظورِنظر مريد عرض گزار ٿيو ته سائين! اسان جي تربيت جي دوران توهان ڪيترا ڀيرا قيام فرمايو، اِن ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟ حَضرَتِ سَيّدنا خوَاجه غريب نوازرَحمَۃُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو ته اِن طرف منهنجي پير و مُرشِد خواجه عُثمان هارَوَني چِشتِي عَلَيْه رِحمَۃُ اللهِ القَوِی جي مزار مبارڪ آهي جڏهن به ان ڏانهن رُخ ٿيندو هو ته آئون تعظيم لاءِ اُٿي بيهندو هئس، آئون پنهنجي پير و مُرشِد جي روضي جي تعظيم جي لاءِ هر ڀيري اُٿي بيهندو هئس. (آدابِ مُرشِدِ ڪامل، ص ۱۱۴ بتغير)

ملفوظات

سُلطانُ الهِند خوَاجہ غريب نواز رَحْمَۃُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاه ۾ عقيدت مندن ۽ مريدن جو هر وقت هجوم رهندو هو، انهن مريدن جي ظاهري ۽ باطني اصلاح جي لاءِ ملفوظات (ارشادات) جو سلسلو جاري رهندو هو. زبان حق ترجمان مان جيڪي الفاظ نڪرندا هئا اُهي پاڻ رَحْمَۃُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جا وڏا خليفہ ۽ سجّاده نشين حَضَرَتِ خواجہ قُطب الدِّين بختيار ڪاڪي عَلَيْه رِحمَۃُ اللهِ القَوِی فورًا لکي وٺندا هئا، اهڙي طرح حَضَرَتِ خواجہ قُطب الدِّين بختيار ڪاڪي عَلَيْه رِحمَۃُاللهِ القَوِی جن پنهنجي پير و مُرشِد جي ملفوظات تي مشتمل هڪ ڪتاب لکي. اچو تہ هن اجميري باغ مان ڪجھ مدني گُل سماعت ڪريون.

1. جيڪو ٻانهو رات جو پاڪ ۽ صاف سمهندو آهي تہ فرشتا گواهہ رهندا آهن ۽ صبح جو الله عَزَّوَجَلَّ کي عرض ڪندا آهن: اي الله عَزَّوَجَلَّ! هن جي بخشش فرماءِ هي باطهارت سُتو هو. (هشت بهشت، ص٧٧)

2. نماز هڪ راز جي ڳالھ آهي، جيڪو ٻانهو پنهنجي پروردگار کي چوندو آهي، جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آيو آهي: اِنَّ الْمُصَلِّيَ يُنَاجِيْ رَبَّهٗ. (ڪنزالعمال، ڪتاب الصلوٰة، ٤/١٧٩،حديث:١٩٦٧٠، الجزء الثاني) يعني نماز پڙهڻ وارو پنهنجي پروردگار سان راز جي ڳالھ چوندو آهي. (هشت بهشت، ص٧٥)

3. جيڪو شخص ڪوڙو قسم کائيندو آهي اُهو پنهنجي گھر کي ويران ڪندو آهي ۽ اُن جي گھر مان خير و برڪت ختم ٿي ويندي آهي.

(هشت بهشت ،ص٨٤)

4. مصيبت ۾ ورتل ماڻهن جي فرياد ٻڌڻ، اُنهن جو ساٿ ڏيڻ، ضرورت مندن جي ضرورت پوري ڪرڻ، ٻڪايل کي ڪاڏو ڪارائڻ، ۽ قيدين کي قيد کان آزاد ڪرائڻ هي سڀ ڳالهيون الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو وڏو مرتبو رکن ٿيون. (معين الهند حضرت خواجه معين الدين اجميري،ص١٢۴)

5. نيڪ ماڻهن جي صحبت نيڪ ڪمن کان بهتر ۽ بُرن ماڻهن جي صحبت بُرائي ڪرڻ کان بچڙي آهي.

6. بدبختي جي علامت (سڃاڻپ) هيءَ آهي ته گناه ڪرڻ جي باوجود به الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ پاڻ کي مقبول سمجهي.

7. خدا جو دوست اُهو آهي جنهن ۾ هي ٽي خوبيون هجن: سخاوت درياءَ جهڙي، شفقت سج جهڙي، تواضع (عاجزي) زمين جهڙي.

(خوفناڪ جادوگر،ص٢٥)

فخر وغُرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا
یاربّ! مجھے بنادے پیکر تُو عاجِزِی کا

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد

ڪرامتون

منا منا اسلامي ڀائرو! جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جا مُقرَّب ٻانها پنهنجي سڄي زندگي الله عَزَّوَجَلَّ جي احڪامن کي پُورو ڪرڻ ۽ اُن جي ذڪر ڪرڻ ۾ گذاريندا آهن، دنيا جي لذتن ۽ آسائشن کي ڇڏي تبليغِ قُرآن ۽ سنّت ۾ گزاري ڇڏيندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي انعام جي صورت ۾ آخرت ۾ ته

بُلند درجا ۽ بي شمار نعمتن سان سرفراز ڪندو ئي آهي، پر ڳڏوڳڏ دنيا ۾ بہ اُنهن جي مقام ۽ مرتبي کي ماڻهن تي ظاهر ڪرڻ لاءِ خصوصيتون ۽ ڪرامتون عطا فرمائيندو آهي. خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه کي بہ الله عَزَّوَجَلَّ بي شمار ڪرامتن سان نوازيو، اچو تہ اُنهن مان ڪجھ ڪرامتون ٻڌون ۽ پنهنجي دلين ۾ اولياءِ ڪِرامن رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِيْن جي محبت مزيد وڌايون.

(1) مُئل زنده ڪري ڇڏيو

اجمير شريف جي حاڪم هڪ ڀيري ڪنهن شخص کي بي گناھ سوليءَ تي چاڙهي ڇڏيو، اُن جي امڙ کي پيغام موڪليو ويو تہ پنهنجي پُٽ جو لاش ڪٽي وڃي، غمگين ماءُ ڏُک ۾ بي حال روئندي حضرت خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه جي بارگاهِ ۾ حاضر ٿي ۽ فرياد ڪرڻ لڳي: آه! منهنجو سهارو ڦرجي ويو، منهنجو گهر اُجڙي ويو، منهنجو هڪڙو ئي پُٽ هو، حاڪم اُن کي بي گناھ ڦاسي ڏياري ڇڏي، هي ٻڌي پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه کي جلال آيو ۽ فرمايائون: مونکي اُن جي لاش وٽ وٺي هلو، جيئن ئي پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه لاش جي ويجهو پهتا تہ اِشارو ڪري فرمايائون: "اي مقتول! جيڪڏهن وقت جي بادشاه توکي بي گناھ ڦاسي ڏني آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان اُٿي بيهہ." يڪدم لاش ۾ چُرپُر ٿي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي اُهو شخص زنده ٿي اُٿي بيهي رهيو.

(2) قبر جي عذاب کان ڇوٽڪارو

حَضرَتِ سَيّدنَا بختيار ڪاڪي رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: حَضرَتِ سَيّدنَا خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي هڪ مريد جي جنازي ۾ تشريف فرمايائون، نمازِ جنازه پڙهائي پنهنجي مبارڪ هٿن سان قبر ۾ لاٿائون،

دفنائڻ کان پوءِ هڪ هڪ ٿي ڪري سڀ ماڻهو هليا ويا پر خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيْه قبر وٽ ئي تشريف فرما رهيا، اوچتو پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيْه غمگين ٿي ويا، ڪجھ دير کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيْه جي زبانِ مبارڪ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن جا الفاظ جاري ٿي ويا ۽ ڪجھ دير کان پوءِ مطمئن ٿي ويا. حَضْرَتِ سَيِّدنَا بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ منهنجي عرض ڪرڻ تي فرمايائون تہ عذاب جا فرشتا اچي ويا هئا، جنهن جي ڪري آئون پريشان ٿي ويس، ايتري ۾ منهنجا مرشِدِ ڪريم حضرتِ خواجہ عثمان هاروَني رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيْه تشريف فرما ٿيا ۽ فرشتن کي چيو تہ اي ملائڪو! اِهو ٻانهو منهنجي مريد مُعِين الدين رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيْه جو مريد آهي ان کي ڇڏي ڏيو، فرشتن چيو تہ هي تمام گهڻو گنهگار شخص هو، يڪدم غيب کان آواز آئي: اي فرشتو! اسان عثمان هاروَني جي صدقي مُعِين الدين چِشْتِي جي مُريد کي بخش ڪري ڇڏيو.

(3) ڇاڳل ۾ تلاءُ

حَضْرَتِ سَيِّدنَا خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيْه جن جا ڪجھ مُريد هڪ ڀيري اجمير شريف جي مشهور تلاءُ ”انا ساگر“ تي غسل ڪرڻ لاءِ ويا تہ غير مسلم ڏسي شور ڪرڻ لڳا تہ هي مسلمان اسان جي تلاءُ کي ناپاڪ ڪري رهيا آهن. اهڙي طرح اُهي حضرات واپس موٽي ويا ۽ وڃي سڄو واقعو خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيْه هڪ خادم کي ڇاڳل (پاڻي رکڻ جي لاءِ هڪ نڪر جو ٿانو) ڏيندي ارشاد فرمايو تہ : ان ۾تلاء جو پاڻي ڪٽي اچ. خادم وڃي جيئن ئي پاڻي ڀرڻ لاءِ ڇاڳل تلاء ۾ وڌو تہ ان جو سموري پاڻي ڇاڳل ۾ اچي ويو، پاڻي نہ ملڻ

ڪري ماڻهو بي قرار ٿي ويا ۽ پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه جن جي خدمت بابرڪت ۾ فرياد ڪرڻ لڳا، اهڙي طرح پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه خادم کي حڪم ڏنو ته وڃ ۽ پاڻي واپس تلاءُ ۾ وجهي اچ. خادم حڪم جي تعميل ڪئي ۽ انا ساگر وري پاڻي سان پرجي ويو!

ہے تِری ذات عَجب بَحرِ حَقیقت پیارے
کسی تَیرَاک نے پایا نہ کَنَارا تیرا

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

رسالي "خوفناڪ جادوگر" جو تعارف

منا منا اسلامي ڀائرو! حَضرَتِ سَيِّدنَا خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه جي هي ڪرامت شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي "خوفناڪ جادوگر" مان ورتي وئي آهي. هِن رسالي ۾ حَضرَتِ سَيِّدنَا خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه جون نہ صرف ڪيترين ئي ڪرامتون ذڪر ڪيل آهن پر گڏوگڏ اولياءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي ڪرامتن تي ذهن ۾ پيدا ٿيڻ وارن وسوسن جي ڪاٽ بہ ڪئي وئي آهي ۽ آخر ۾ خواجہ صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي منقبت بہ موجود آهي، هي رسالو هديةً حاصل ڪري خود بہ پڙهو ۽ لنگرِ رسائل يعني ٻين کي بہ تحفو پيش ڪريو.

(5) هر رات طوافِ ڪعبہ

حَضرَتِ سَيِّدنَا خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيۡه جو ڪو مريد يا محبت ڪرڻ وارو حج يا عمري جي سعادت حاصل ڪندو هو ۽ ڪعبي جي طواف

لاءِ حاضر ٿيندو هو تہ ڏسندو هو تہ خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه ڪعبي جي طواف ۾ مشغول آهن، هوڏانهن گهر وارا ۽ ٻيا رشتيدار هي سمجهندا هئا تہ پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي حجري ۾ موجود آهن، آخرڪار هڪ ڏينهن هي راز کُلي ويو تہ پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه بيتُ اللّٰه شريف حاضر ٿي سڄي رات ڪعبي جي طواف ۾ مشغول رهندا آهن ۽ صبح اجمير شريف واپس اچي باجماعت فجر جي نماز ادا فرمائيندا آهن.

(6) نرالو خزانو

حَضْرَتِ سَيِّدنا خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي آستاني مبارڪ تي روزانو ايتري قدر لنگر جو اهتمام هوندو هو جو سڄي شهر کان غريب ۽ مسڪين ايندا هئا ۽ پيٽ ڀري کائيندا هئا، خادم جڏهن خرچ جي لاءِ پاڻ (رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه) جي بارگاهہ ۾ با ادب عرض ڪندو هو تہ پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه مصلّي جو پاسو کڻندا هئا جنهن جي هيٺان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان خزانو ئي خزانو نظر ايندو هو، خادم پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي حڪم سان ضرورت جي مطابق اُن مان ڪڍي وٺندو هو.

وصال شريف

پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي وفات جي رات ڪجهہ بُزُرگن خواب ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ ”منهنجي دين جو مُعين (مددگار) حسن سنجري اچي رهيا آهن، آئون پنهنجي مُعين جي آجيان جي لاءِ آيو آهيان“. 6 **رجب المرجب** 633 **سن هجري بمطابق** 16 **مارچ** 1236ء **بروز سومر فجر جي وقت** محبت ڪرڻ وارا انتظار ۾ هئا تہ پيرو مُرشِد نمازِ فجر پڙهائيندا پر ڪافي دير گذري وڃڻ کان پوءِ جڏهن خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي

حجري شريف جو دروازو کولي ڏٺو ويو تہ غم جو سمنڊ اُٿلي پيو ڇو جو حَضْرَتِ سَيِّدنا خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه وفات فرمائي چُڪا هئا ۽ ڏسڻ وارن هي حيرت انگيز ۽ روحاني منظر پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي نوراني پيشاني تي هي جملو نقش هو: حَبِيْبُ اللهِ مَاتَ فِيْ حُبِّ اللهِ (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو محبوب پاڻهو محبتِ الٰهي ۾ وفات ڪري ويو.

مزار شريف ۽ عرس مبارڪ

سلطان الهند حَضْرَتِ سَيِّدُنَا خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جو مزار مبارڪ هِند جي مشهور شهر ”اجمير شريف“ (صوبو راجستان شمالي هند) ۾ آهي. جتي هر سال سندن **عرس مبارڪ 6 رجب المرجب** تي نهايت شان ۽ شوڪت سان ملهايو ويندو آهي ۽ اِنهيءَ تاريخ جي نسبت سان عُرس مبارڪ کي **”ڇَٺي شريف“** بہ چيو ويندو آهي.اِن عرس ۾ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن کان هزارين عاشقانِ رسول وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪري خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪندا آهن.

خواجہ جي صدقي صحت يابي

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت الشاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، تہ حَضْرَتِ سَيِّدنا خوَاجہ غريب نواز رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جي مزار شريف مان تمام گهڻو فيض ۽ برڪتون حاصل ٿينديون آهن، مولانا برڪات احمد صاحب مرحوم جيڪي منهنجا پير ڀاءُ ۽ منهنجي والد صاحب رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جا شاگرد هئا، اُنهن مونکي ٻڌايو تہ مون پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ هڪ غير مُسلم جنهن جي مٿي کان پيرن تائين ڦرڙيون(يعني داڻا) هيا، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ئي ڄاڻي ٿو تہ ڪيتري قدر (اهي داڻا) هئا، پوري ٻيپهري جو ايندو هو ۽ درگاه

شريف جي سامهون گرم پٿرن ۾ پٿرين تي ليٽي ۾ چوندو هو: ”خواجہ اگن (يعني اي خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیۡه سڙي) رهي آهي“. تين ڏينهن مون ڏٺو بلڪل نيڪ ٿي ويو آهي.

خواجۂ ہند وہ دربار ہے اعلیٰ تیرا　　کبھی محروم نہیں مانگنے والا تیرا

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب!　　صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

بيان جو خلاصو

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان خوَاجہ غريب نواز رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیۡه جي مبارڪ زندگي جي باري ۾ ٻڌو تہ ڪهڙي طرح هڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي جي ادب جي برڪت سان سندن رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیۡه جي دل جي دنيا تبديل ٿي وئي، پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیۡه وراثت ۾ مليل وارو باغ ۽ ٻيو سامان خدا جي راهہ ۾ صدقو ڪري ڇڏيو۽ خود علمِ دين حاصل ڪرڻ لاءِ راهِ خدا جا مسافر بڻجي ويا. ظاهري علم ڪي حاصل ڪرڻ کان پوءِ مُرشِد ڪامل جي ڳولها ۾ خواجہ عثمان هاروَني رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیۡه وٽ پهتا ۽ 20 سالن تائين اُنهن جي صحبت ۾ رهي ڪري اُهو مقام حاصل ڪيو جو جڏهن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيا تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سندن کي هندستان جي ولايت عطا فرمائي، پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیۡه جي ڪردار ۽ عمل کان متاثر ٿي ڪري لکين غير مُسلم اسلام سان مُشرَّف ٿي ويا، اوهان رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیۡه جي مبارڪ عادتن ۾ سادگي، گهٽ ڪائڻ، پاڙي وارن سان سٺي انداز سان پيش اچڻ، عفؤ و درگزر ڪرڻ ۽ مسلمان ڀاءُ جي پرده پوشي ڪرڻ وغيره شامل آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اسانکي بہ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِيْن جي نقشِ قدم تي هلڻ ۽ اُنهن سان گهڻي محبت ڪرڻ ۽ عقيدت رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مجلسِ مزاراتِ اولياءَ

منا منا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، سنّتن جي خوشبو لٽائڻ، علمِ دين جي روشني ڦيلائڻ ۾ مصروف آهي، دنيا ۾ تقريبًا 192 مُلڪن ۾ پنهنجو مدني پيغام پهچائي چڪي آهي، سڄي دنيا ۾ مدني ڪم کي مُنظّم ڪرڻ جي لاءِ تقريبًا 95 کان زياده شعبہ جات قائم آهن، اِنهن مان هڪ شعبو "**مجلسِ مزاراتِ اولياءَ**" بہ آهي، هِن مجلس جا ذمہ دار اسلامي ڀائر ٻين مدني ڪمن سان گڏوگڏ بُزُرگانِ دين جي مبارڪ مزارن تي حاضر ٿي ڪري مختلف ديني خدمتون سر انجام ڏيندا آهن، مثلاً: صاحبِ مزار جي عُرس جي موقعي تي اجتماعِ ذڪرونعت جو انعقاد، مزارن سان گڏ مسجدن ۾ عاشقانِ رسول جا مدني قافلا سفر ڪرائڻ ۽ بالخصوص عُرس شريف جي موقعي تي مزار جي ويجهو سنّتن ڀريا مدني حلقہ لڳائڻ، جن ۾ وُضُو، غسل، تيمُّم، نماز ۽ ايصالِ ثواب جو طريقو، مزارن تي حاضري جا آداب ۽ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سُنّتون سيکاريون ويندون آهن ۽ گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي هفتہ وار سنّتن ڀري اجتماعن ۾ شرڪت، مدني قافلن ۾ سفر ۽ مدني انعامات تي عمل ڪرڻ جي ترڪيب ڏياري ويندي آهي، عُرس جي ڏينهن ۾ صاحبِ مزار جي خدمت ۾ گهٽي کان گهٽو ايصالِ ثواب جا تحفا پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ صاحبِ مزار بُزُرگ جي سجّاده نشين، خليفن ۽ مزارن جي متوَلّي صاحبن سان وقتًا فوقتًا ملاقات ڪري اُنهن کي دعوتِ اسلامي جي خدمتن ۽ مدارسُ المدينہ ۽ مُلڪ ۽ بيرونِ مُلڪن ۾ ٿيڻ وارن مدني ڪمن کان واقف ڪرڻ وغيره. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي کي ترقي ۽ عُروج عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ٻارنهن (12) مدني ڪمن ۾ حصو وٺو

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسين اولياءَ الله جي نقشِ قدم تي هلندي زندگي گذارڻ چاهيون ٿا ته تبليغِ قُرآن و سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي اُهو مَدَني ماحول آهي جنهن بُزُرگانِ دين جي نقشِ قدم تي هلندي تمام مسلمانن کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جوڌهن ڏنوءِ نيڪي جي ڪمن ۾ ترقي جي لاءِ ذيلي حلقي ۾ 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم نمازِ فجر کان پوءِ مدني حلقو به آهي، جنهن ۾ روزانو، ٽي قرآني آيتن جي تلاوت ساڻ تَرجمو ڪنزالايمان ۽ تفسير خزائنُ العرفان / تفسيرنورُالْعرفان / تفسير صِراطُ الجنان، درسِ فيضانِ سُنَّت (4 صفحات) ۽ شَجْره قادِريه، رَضَويه، ضيائيه، عطاريه پڙهيو ويندو آهي. قرآنِ مجيد پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سمجهڻ سمجهائڻ جي ته ڇا ڳالهه آهي. نبي مڪرَّم، نُورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمانِ مُعَظَّم آهي: خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَهٗ يعني توهان ۾ بهترين شخص اُهو آهي جنهن قُرآن سکيو ۽ ٻين کي سيکاريو. (بخارى، كتاب فضائل القرآن،باب خيركم من تعلم...الخ،۳/۴۱۰،حديث:۵۰۲۷) حضرتِ سيِّدُنا اَنَس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن شخص قُرآنِ پاڪ سکيو ۽ سيکاريو ۽ جيڪو ڪجهه قُرآن ۾ آهي اُن تي عمل ڪيو، قُرآنِ پاڪ اُن جي شفاعت ڪندو ۽ جنت ۾ گڏ وٺي ويندو. (تاريخ ابن عساكر،۴۱/۳،معجم كبير، ۱۰/۱۹۸ حديث :۱۰۴۵۰) هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن شخص قَرآنِ مجيد جي هڪ آيت يا دين جي ڪا سُنت سيکاري قِيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ اُن جي لاءِ اهڙو ثواب تيار فرمائيندو جو اُن کان بهتر ثواب ڪنهن جي لاءِ به نه هوندو. (جمع الجوامع،۷/۲۸۱،حديث:۲۲۴۵۴)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان کي اولياءُ اللّٰه سان محبت، ذڪر ۽ درود جي عادت، نيڪين ڏانهن رغبت، گناهن کان نفرت جو ذهن ڏئي ٿو. هِن مدني ماحول جي برڪت سان ڪيترا ئي اسلامي ڀائر سُنّتن ڀري زندگي گذارڻ وارا بڻجي رهيا آهن. اچو ته هڪ مدني بهار توهان جي آڏو پيش ڪيان.

سنتن جي بهار

هڪ اسلامي ڀاءُ پنهنجي عيش و عشرت جي خاتمي جي داستان جو احوال ڪجھ هن طرح بيان ڪري ٿو، ته دعوتِ اسلامي جي مشڪبارمدني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهرين اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي وارن ڪمن ۾ زندگي جا ڏينهن برباد ڪري رهيو هئس. فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻڌڻ جو تمام گهڻو شوق هو، جيڪڏهن ڪنهن سفر تي وڃڻ ٿيندو هو ته اهڙي بس ۾ويهڻ پسند ڪندو هئس جنهن ۾ فلمون ۽ گانا باجا هلندا هجن، منهنجي زندگي ۾ سنتن جي بهار هن طرح آئي هڪ ڏينهن آئون عشاء جي نماز پڙهڻ مسجد ۾ ويس، نماز کان پوءِ هڪ مُبَلِّغ دعوتِ اسلامي وڏي دلنشين انداز ۾ درسِ فيضانِ سُنّت ڏيڻ شروع ڪيو، آئون بہ ويجهو ٿيندي شريڪ ٿيس ۽ توّجه سان درس ٻڌڻ لڳس، فيضانِ سُنّت جا آساني سان سمجھ ۾ اچڻ وارا الفاظ ٻڌي ڪري ايتري قدر متاثر ٿيس جو باقاعدگي سان فيضانِ سُنّت جو درس ٻڌڻ منهنجو معمول بڻجي ويو، رِبيعُ الاَوَّل جي مهيني ۾ اسلامي ڀائرن جي ترغيب ڏيارڻ تي اميرِاهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا "مدني مُذاڪرا" مدني چينل تي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو موقعو مليو، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي علم ۽ حڪمت جا مدني گُل ٻڌي ڪري ايمان تازو ٿي ويو، قبر ۽ حشر جي تياري جو فڪر ذهن ۾ گردش ڪرڻ لڳو، آخرڪار

مون زندگي جي بقيہ وقت کي غنيمت سمجھندي دعوتِ اسلامي جو مشڪبار مدني ماحول اپنائي ورتو ۽ اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل مدني مقصد "**مونکي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي**" جي تحت نيڪي جي دعوت جو ڏيڻ ۾ مشغول ٿي ويس، تحرير لکڻ وقت ذيلي سطح تي مدني قافلا ذمہ دار جي سعادت مليل آهي.

سُنتيں سيکھنے تين دِن کے ليے ہر مہينے چليں قافلے ميں چلو
علم حاصل کرو جہل زائل کرو پاؤ گے رفعتيں قافلے ميں چلو

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَليٰ مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

(1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، (3)

3...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[4]

(3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[5]

(4) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.[6]

4...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65

5...القول البدیع،الباب الثانی، ص277،

6... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305

(5) ڇهلک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیهِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الھَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [7]

(6)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنورصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیهِ واٰلِہٖ وَ سَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي کري صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنھُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیهِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته ائين پڙهندو آهي. [8]

صَـلُّوا عَـلَي الـحَبِيب! صَـلَّي اللهُ تَعالٰي عَلي مُـحَـمَّد

---

[7]...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

[8]...القول البدیع،الباب الاول،ص125